
٧٨٦

# نسب نامه

هي نسبنامه ٻنهجي اولادءِ لکيل آهي. تہ هنن کي خبر پوي تہ
اسان جو نسب ابًا و جدًا ڪهڙو آهي. هت حضرت اميرالمؤمنين
حضرت عمر بن الخطاب رضي الله تعالیٰ عنه کان شروع ٿي آخر ۾
مون راقم عاصي فقير عبدالغفار فاروقي نسبًا تائين لکيل آهي


حضرت عزیز اللہ صاحب
حضرت عظیم اللہ صاحب
حضرت حبیب اللہ صاحب
عبدالفتاح
عبداللطیف

# تمھيد

هت اهو خيال هرگز نه ڪجي ته اسان هيڏن وڏن بزرگن جو اولاد آهيون، بس اسان چڱا رهندا سون. هرگز نه ... هنن بزرگن رضوان الله تعالیٰ عليهم اجمعين جن کي رب تعالیٰ سندن نيڪ عملن تي بزرگي عطا ڪئي. اسان جيڪڏهن سندن پيروي تي عمل ڪيو ته ڀلو ورنه پاڻ کي سندن اولاد چوڻ ۾ شرم ڪرڻ گهرجي. مولانا سعدي رحمت الله عليه هي رباعي انهيءَ مضمون تي چئي آهي.

پسرِ نوح با بدان بنشست     خاندانِ نبوتش گم کرد
سگِ اصحاب کهف روزی چند     پئِ نیکان گرفت مردم شد

يعني حضرت نوح علیٰ نبينا عليه السلام جو پٽ ڪافرن

ساڻ شامل ٿيو ته ٻچي خاندانِ نبوت واري گم ڪيائين -

ڪُتي اصحاب ڪهف جي نيڪن جي پٺي ورتي ته ماڻهون ٿيو -

جڏهن جو ذڪر رب تعالیٰ جل شانه قرآن پاڪ ۾ به فرمايو آهي -

اصحاب ڪهف جي ڪتي جو نالو "قطمير" آهي....

رب تعالیٰ جل شانه اول مون کي هدايت صلاحيت عطا فرمائي

۽ پنهنجي فضل و ڪرم ساڻ منهنجي اولاد کي هدايت صلاحيت

عطا فرمائي آمين - بحرمت النبي عليه التحيه والسلام -

اول حضرت حضور سرور ڪائنات صلي الله عليه واله واصحابه وسلم

جن جو مبارڪ شجره نامه لکندس بعد ۾ جناب حضرت امير المومنين

حضرت عمر ابن الخطاب رضي الله تعالیٰ عنه جو - پوءِ حضرات

مجدديه اول کان آخر تائين - جنهن بعد آخر ۾ اسان

جو.... ۱۲

بسم الله الرحمٰن الرحيم ○

الحمد لله رب العٰلمين ○ والعاقبة للمتقين ○ والصلوٰة والسلام على سيدنا وشفيعنا ومولانا محمد وآله وصحبه وبارك وسلم ○ لا اله الا الله محمد رسول الله ○

صلى الله عليه وسلم

حضرت جابر بن عبد الله رضي الله تعالیٰ عنه کان روايت آهي ته رب تعالیٰ جل شانهٗ پنهنجي قدرت ڪامله سان نور حضور جن جو خلقيو۔ پوءِ اهو نور ٽن قسمن ۾ تقسيم ٿيو۔ اول قسم جو نور جيڪو لطافت ۾ پاڪ صاف آهي تنهن سان رب تعالیٰ

انبيا، اولياءَ ۽ ملائڪ پيدا فرمايا. ٻيو قسم نوري جو ناري
ٿيو يعني (ناري) ان مان جن ۽ شيطان لعين پيدا فرمايا ۽
جناب حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي والد
شريف جو نالو مبارڪ حضرت عبدالله [١] آهي (هو فرزند هو
حضرت عبدالمطلب [٢] جو بن هاشم [٣] بن عبدالمناف [٤] بن قصي [٥]
بن ڪلاب [٦] بن مره [٧] بن ڪعب [٨] بن لوي [٩] بن غالب [١٠] بن فهر [١١]
بن مالڪ [١٢] بن نضر [١٣] بن ڪنانه [١٤] بن خزيمه [١٥] بن مدرڪه [١٦]
بن الياس [١٧] بن مضر [١٨] بن نزار [١٩] بن معد [٢٠] بن عدنان [٢١] بن ادد [٢٢]
بن اد [٢٣] بن حمل [٢٤] بن قيذار [٢٥] بن حضرت اسماعيل [٢٦] عليه
السلام بن حضرت ابراهيم خليل الله [٢٧] علي نبينا عليه الصلوٰة
والسلام....

هاڻي حضور جن عليه الصلوات والسلام جي اولاد مبارڪ
رضوان الله تعاليٰ عليهم ۽ حضور جن جي ازواج مطهرات

امهات المؤمنين رضوان الله تعالى اجمعين جا نالا مبارڪ لکجن ٿا.
حضور جن جا فرزند شهزادا مبارڪ (٣) ٽي آهن اول حضرت
قاسم رضي الله تعالى عنه سندن ولادت مڪه معظمه ۾ ٿي
سندن حياتي مبارڪ (١) ڏهه سال رهي . ٻيو فرزند حضرت عبدالله
رضي الله تعالى عنه سي به مڪه معظمه ۾ تولد ٿيا ۽ ننڍپڻ ۾
وفات ڪيائون . ٽيون فرزند حضرت ابراهيم رضي الله تعالى عنه
آهي . مدينه منوره ۾ تولد ٿيا سال (٨) هجري ۾ سندن
حياتي مبارڪ پندرهن مهينا آهي . ۽ حضور جن جون بنات مبارڪه
چار آهن اول بي بي زينب رضي الله تعالى عنها ۽ وڏين ٻانهين
مبارڪه مان آهن سندن ولادت صحيح قول سان ٣١ واقعه
فيل جو آهي "فيل يا اصحاب فيل" جهالت ۾ اعتز عري
(اهي ٻئي نالي سان سن جو يا سال جو لکيو ويو آهي -)
۽ سال ٨ هجري ۾ وفات فرمايائون . ٻي بي بي رقيه
رضي الله تعالى عنها آهي . سندن ولادت ٣٣ واقعه

قتل ٿي آهي. آخر ۾ حضرت عثمان رضي الله تعالیٰ عنه
جن جي نڪاح ۾ آهي. سندين وفات ٻي هجري ۾ ٿي
٣. بي بي ام ڪلثوم رضي الله تعالیٰ عنها. حضور جن
جي بي بي رقيه رضي الله عنها جي وفات بعد بي بي ام ڪلثوم
رضي الله تعالیٰ عنها حضرت عثمان رضي الله تعالیٰ عنه
جي نڪاح ۾ آندي. ۽ سندن وفات سال ٩ هجري ۾ ٿي.
٤. حضرت بي بي فاطمة الزهرا رضي الله تعالیٰ عنها آهي.
سندين ولادت مڪه معظمه ۾ سال ٣٥. واقعه فيل ۾ آهي
ٻي قول ۾ سال ٤١ واقعه فيل ۾ آهي. ننڍي ۾ ننڍي نياڻي
پاڪ حضور جن جي هئي. هجري سال اول يا ٻئي ۾ حضرت
علي ڪرم الله تعالیٰ وجهه جن جي نڪاح ۾ حضور جن آندي.
سندن وفات ماه مدينه منوره ۾ ٣ رمضان شريف
بعد وفات حضور سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن جي
ڇهن مهينا چاليه ڏينهن پوءِ ٿي آهي. رضي الله تعالیٰ عنها

سندن مدت حياتي جي ٢٨ سال آهي. هي سمورو اولاد پاڪ
حضرتن جو سواءِ حضرت ابراهيم عليه السلام جي بي بي صاحبه
خديجة الكبرىٰ رضي الله تعاليٰ عنها مان آهي.

ذڪر زوجات مطهرات حضرتن جو هي آهي.

اول. بي بي خديجة الكبرىٰ رضي الله تعاليٰ عنها بنت
خويلد جي آهي. زالن مان اول اسلام بي بي صاحبه آندو ۽
حضرتن جي نبوت جي تصديق ڪئي. رضي الله تعاليٰ عنها
۽ پنهنجو سمورو مال ۽ دولت حضرتن کي سندن رضا لاءِ
وقف ڪيائين جيتائين سندن حياتي مبارڪ هئي حضرتن
ٻيو نڪاح نه ڪيو آهي. سندن رتبو رب تعاليٰ جل شانه
کين اعليٰ درجو جو عطا فرمايو. سندن صحبت حضرتن
سان ٢٥ سال آهي. ۽ سندن وفات مبارڪ حضرتن جي
بعثت نبوة کان بعد ٢. ٻئي سال آهي. سندن عمر مبارڪ
٦٥ ورهيه آهي. سندن وفات مڪه معظمه ۾ ٿي. سندن

قبر مبارڪ جنت المعليٰ ۾ آهي.

حضرت ابراهيم رضي الله تعاليٰ عنه بي بي صاحبه ماريه قبطيه رضي الله تعاليٰ عنها جي بطن مبارڪ مان پيدا ٿيل آهي.

٢. ٻي زوجه مبارڪ حضور جن جي بي بي سوده بنت زمعه رضي الله تعاليٰ عنها آهي. حضور جن جي نڪاح مبارڪ ۾ بعثت نبوت جي ١٠ ڏهين سال ۾ آئي آهي. سندن وفات مبارڪ حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه جي خلافت ۾ ٿي آهي.

٣. ٽين زوجه مبارڪ حضور جن جي بي بي صاحبه عائشه صديقه بنت حضرت صديق النبي صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي آهي. بي بي صاحبه رضي الله تعاليٰ عنها جي محبت ۽ الفت ۽ عزت حضور جن ساڻ انهن زياده هئي. ۽ بهترين ازواج مطهرات مان هئي. سندين اتقا پرهيزگاري زهد ۽ علم ۾ کين ڪافي رتبه عطا ٿيل هو. احڪام شرعيت جا سندن کان هزارها حديثون نقل آيل آهن

مطلب ته اڳ ڏين جو سڌن ڪان ثابت ٿيل آهي - هي سڌن

عصمت ۽ پاڪائي رب تعاليٰ جلشانه قرآن پاڪ ۾ صاحب

ارشاد فرمائي آهي - شاهدت ۽ صاحب اجتهاد جا هوا -

حضورجن جي محبت ۽ خدمت ۾ بي مثال هوا - رضي الله تعاليٰ

عنها - سڌن وفات مبارڪ ٥٠ هجري ۾ ٿي - سڌين عمر

مبارڪ ٦٦ سال آهي -

٤

٤ چوٿين زوجه مبارڪ حضورجن جي بي بي حفصه بنت

حضرت عمر بن الخطاب رضي الله تعاليٰ عنها آهي -

سال هجري ٣ ۾ حضورجن جي نڪاح ۾ آئي سڌين وفات

مبارڪ هجري سال ٤٥ يا ٥٠ ۾ ٿي آهي - سڌن

عمر مبارڪ ٦٠ سٺ سال آهي - رضي الله تعاليٰ عنها -

٥

٥ پنجين زوجه مبارڪ حضورجن جي بي بي زينب

بنت خزيمه رضي الله تعاليٰ عنها آهي - سال هجري ٣

۾ حضورجن جي نڪاح ۾ آئي - نڪاح ڪان بعد ٨ سال

وفات فرمايائون رضي الله تعالىٰ عنها -

٦ ڇهين زوجه مباركه حضورن جي بي بي امّ سلمه بنت
عاتڪه بنت عبدالمطلب رضي الله تعالىٰ عنه آهي
يعني بي بي ام سلمه حضرت جي ڦڦيءَ بي بي عاتڪه رضي
الله تعالىٰ عنها جي نياڻي مبارڪ آهي - سال هجري ٤ ۾
حضورن جي عقد مبارڪ ۾ آئي آهي. ۽ سال هجري ٦١ ۾
وفات فرمايائون سندن عمر مبارڪ ٨٤ ورهيه رهي -
رضي الله تعالىٰ عنها -

٧ ستين زوجه مباركه حضورن جي نڪاح ۾ بي بي
زينب بنت جحش رضي الله تعالىٰ عنها آئي - اول
زيد بن الحارثه جي نڪاح ۾ هئي - ان جي خلاصيءَ بعد
سال ٥ هجري ۾ حضورن جي نڪاح مبارڪ ۾ آئي -
وفات سندن سال هجري ٢٠ ۾ ٿي سندن عمر مبارڪ
٥٣ سال رهي - رضي الله تعالىٰ عنها -

٨ اٺين زوجه مبارڪ حضور جن جي بي بي جويريه بنت الحارث
آهي - رضي الله تعالیٰ عنها . سال هجري ٥ھ ۾ حضور جن
جي نڪاح ۾ آئي - سن وفات سال هجري ٥٦ھ ۾ ٿي -
سن حياتي مبارڪ ٥٦ سال آهي رضي الله تعالیٰ عنها -

٩ نائين زوجه مبارڪ حضور جن جي بي بي ام حبيبه
بنت ابي سفيان رضي الله تعالیٰ عنها آهي . سال هجري
٦ ۾ حضور جن جي نڪاح مبارڪ ۾ آئي . وفات سن
سال هجري ٤٤ ۾ ٿي - رضي الله تعالیٰ عنها

١٠ ڏهين زوجه مبارڪ حضور جن جي بي بي صفيه بنت
حيي خيبر جي لڙائي ۾ مال غنيمت ۾ آئي ۽ حضور جن
کين آزاد ڪري پنهنجي نڪاح مبارڪ ۾ آندو . بي بي صفيه
رضي الله تعالیٰ عنها بني اسرائيل جي قوم مان هئي -
سن وفات سال هجري ٣٦ ۾ ٿي رضي الله تعالیٰ عنها -

١١ يارهين زوجه مبارڪ حضور جن جي بي بي ميمونه بنت

الحارث رضي الله تعالیٰ عنها آهي - سنڌن وفات سال

۲۳ هجري ۾ ٿي - رضي الله تعالیٰ عنه -

ازين عبد حضور جن جا ازواج مطهرات رضوان الله تعالیٰ

عليهم اجمعين ڪل ۱۱ يارهن آهن - بي بي صاحبه حضرت

خديجة الڪبريٰ ۽ بي بي صاحبه حضرت زينب رضي الله

تعاليٰ عنهما حضور جن جي حياتي ۾ وفات فرمائين - باقي

۹ نو ازواج مطهرات حضور جن جي وفات ڪان پوءِ

وفات ڪئي اٿن - صلي الله عليه و آله و اصحابه و

سلم واهل بيته الطاهرين والطاهرات اجمعين =

هاڻي حضرت امير المؤمنين عمر بن الخطاب جن جو مبارڪ

رضي الله تعاليٰ عنه ۽ سنڌن نسب ۽ سنڌن اولاد

امجاد جو ذڪر ڪجي ٿو -

بسم الله الرحمن الرحيم

## الثاني الناطق الحق والصواب حضرة عمر بن الخطاب

رضي الله تعاليٰ عنه

حضرت امير المؤمنين حضرت عمر بن الخطاب رضي الله تعاليٰ عنه
پاڻ قريش جي قبيلي بني عدي مان هوا - سندن نسب
حضور سرور ڪائنات صلي الله عليه وآله وصحبه وسلم جن سان
۸ اٺين پشت ۾ (ڪعب) سان ملي ٿو - پاڻ اسلام
۾ داخل ٿيڻ ۾ چاليھين نمبر اصحاب مان هوا - سندن اسلام
جي اچڻ مسلمانن لاءِ باعث فخر ٿيو - جو ظاهر طور تي
ڪعبة الله شريف ۾ نماز پڙهڻ لڳا - ۽ پاڻ حضرت
صديق رضي الله تعاليٰ عنه جن جي وفات بعد مسند خلافت
تي فائز ٿيا - سندن فراست ۽ عدالت ضرب المثل آهي.
۽ سندن فتوحات از حد زياده - حجاز سارو - عراق -

شام - مصر - ايران ۽ مڪران تائين فتوحات آهن ۽
سندين توصيف ۽ ثنا آءٌ عاجز قاصر ڇا بيان ڪريان
تواريخ جا ڪتاب، عربي فارسي اُردو جا سندن فتوحات،
فراست، عدالت ۽ سخاوت سان ڀريل آهن. رضي الله تعاليٰ عنه
سندين والده صاحبه جو نالو بي بي حنتمه بنت هاشم بن
مغيره آهي. سندن نسب هن ريت آهي —
پاڻ ابن الخطاب بن نفيل بن عبدالعزيٰ بن رباح
بن عبدالله بن قرط بن رزاح بن عدي بن ڪعب
سندن ولادت واقعه فيل کان ١٣ - تيرهن سال پوءِ ٿي
آهي. سندن لقب فاروق اعظم آهي. ڪنيت ابوالحفص
آهي. سندن خلافت ۾ اميرالمؤمنين جو لقب اصحابن
سڳورن کان مليو. سندن مُنڊي جي مهر تي هي لفظ اُڪريل هوا

( ڪفىٰ بالموتِ واعظاً يا عُمر )

فرد ۽ بعد پيغمبر به الطاف ڪريم — ڪرد فتح چار صد شهر عظيم

يعني حضور سرور ڪائنات صلى الله عليه وآله وصحبه وسلم
کان پوءِ چار سؤ ٢٠ وڏا شهر ۽ ڪافرن جا عظيم تخت گاهه
سندن دور خلافت ۾ فتح ٿيل آهن -

سندن وفات سال هجري ٢٣ ۾ ابولؤلؤ نماز صبح جي
وقت ڏينهن اربعه ٢٨ ذوالحج وقيل ١ محرم
چار ضرب تلوار جا ڪيا - ٽئين جي ڏينهن شهادت ۾
وفات فرمايائون. سندن خلافت جو مدو ڏهه سال هليو
عمر مبارڪ سندن سنت نبوي صلى الله عليه وسلم جي
مطابق ٦٣ ٽيهٺ سال رهي. سندن مدفن مبارڪ
حضور سرور ڪائنات صلى الله عليه وآله وصحبه وسلم
۽ حضرت صديق اڪبر رضي الله تعالى عنه سان گڏ
گڏ مدفون آهي -

سندن فرزند ارجمند حضرت عبدالله صاحب رضي الله تعالى عنه
آهي - حضرت عبدالله جن اصحاب ڪرام حضور جن مان

آهن. پاڻ وڏا عالم صاحب حقيقت ۽ طريقت ۽ شريعت ۽ صاحب اجتهاد ۽ راءِ جا هوا. پاڻ آخر ۾ مدينه منوره مان هجرت ڪري مڪه معظمه ۾ آخر عمر تائين گذاريائون. زماني جي انقلاب ڪري هر طرح سياست کان ڌار رهي ڪري شرعي احڪام جاري فرمائيندا رهيا.
آخر پاڻ وفات به مڪّه معظمه ۾ فرمايائون. ۽ سندن مدفن به مڪه معظمه ۾ جنت المعلیٰ ۾ آهي.

٣ سندن ٻيو فرزند حضرت سالم رضي الله تعالیٰ عنه آهي سندن لقب ناصر به لکت ۾ آ.

٣ـ سندن ٽيون فرزند حضرت خواجه ابراهيم رضي الله تعالیٰ عنه آهي.

٤ سندن چوٿون فرزند حضرت خواجه اسحاق رضي الله تعالیٰ عنه آهي.

٥ سندن پنجون فرزند حضرت خواجه ابو الفتح رضي الله تعاليٰ عنه آهي.

٦ سندن چھون فرزند حضرت خواجه عبید اللّٰہ الواعظ الاکبر رضی اللہ تعالیٰ عنہ آھے۔

٧ سندن ستون فرزند حضرت خواجه عبید اللّٰہ الواعظ الاصغر رضی اللہ تعالیٰ عنہ آھے۔

٨ سندن اٺون فرزند حضرت خواجه مسعود رضی اللہ تعالیٰ عنہ آھے۔

٩ سندن نائون فرزند حضرت سلیمان رضی اللہ تعالیٰ عنہ آھے۔

١٠ سندن ڏھون فرزند حضرت خواجه محمود رضی اللہ تعالیٰ عنہ آھے۔

١١ سندن يارھون فرزند حضرت خواجه نصیر الدین رضی اللہ تعالیٰ عنہ آھے

١٢ سندن ٻارھون فرزند حضرت شيخ سلطان شهاب الدين علي المعروف فرخ شاہ کابلي الفاروقي

رضي الله تعالیٰ عنه آهي.

حضرت شيخ سلطان شهاب الدين علي رحمت الله عليه جن سائي افغانستان جا حاڪم هوا. ڪيترا دفعا اسلامي لشڪر وٺي هندستان تي جهاد في سبيل الله ۾ ڪاهه ڪيون اٿن. ۽ گهڻا ماڻهون هندستان جا سندن هٿن مبارڪن تي اسلام ۾ داخل ٿيل آهن. هندستان جي ڪافرن راجائن کي جهاد ۾ شڪستون فاش ڏنيون اٿن ۽ ۽ وڏو مال غنيمت هٿ ڪري ورئي به موٽي ڪابل آيل آهن. آخر ۾ ظاهري حڪومت کان نفرت پيدا ٿي ۽ پنهنجي آبائن جي پيروي ۾ دنيا ۽ حڪومت ترڪ ڪري واصل بالله ٿيا. سندن مقبره شريف گنبذ دره فرخ شاه ڪابلي ساڻ مشهور آهي. ۽ ڪابل جي اطراف ۾ اڄ تائين درخشان آهي. ۽ خلق سندن آستانه بوسي کان مشرف ٿي ڪامياب ٿئي ٿي.

حضرت خواجه ضياءُ الحق صاحب عليه الرحمت مٽياري وارا
حضرات جو وڏو ڏاڏو سڳڻ والده صاحبه عليها الرحمت
جي وفات لبه درگاهه فرخ شاه ۾ وڃي مسند آرا ٿيا
هوا. ۽ اتي ديني تدريس شروع ڪيائون. هزارها
مخلوق سندن فيض باطني مان مشرّف ٿيا.

۽ حضرت خواجه فضل الله صاحب عليه الرحمت (حضرت
خواجه فضل الله صاحب عليه الرحمت درگاهه شڌله ساڻين داد
جي حضرات جو وڏو ڏاڏو صاحب آهي) سڳڻ وڏو ڀلو
سڳڻ والده بي بي صاحبه عليها الرحمت جي وفات لبه ۽
ٻنهي والد صاحب حضرت خواجه شاه غلام النبي صاحب
رحمت الله عليه جي وفات لبه قنڌهار ۾ مسند آرا ٿيا.

هي به حڪم ورج ۾ ٻنهي اولاد راقم جي سمجهاڻي لاءِ لکيم
ترڪين ڪجهه نه ڪجهه خبر لهي. شالا اهڙن بزرگن جي مهابي
رب تعالى اسان کين هدايت فرمائي آمين ....

(فقير عبدالغفار عفي عنه)

١٣ حضرت فرخ شاه ڪابلي رحمت الله عليه جو فرزند حضرت
شيخ يوسف رحمت الله عليه آهي.

١٤ سندن فرزند حضرت شيخ احمد رحمت الله عليه آهي.

١٥ سندن فرزند حضرت شيخ شعيب رحمت الله عليه آهي.

١٦ سندن فرزند حضرت شيخ عبدالله رحمت الله عليه آهي.

١٧ سندن فرزند حضرت شيخ اسحاق رحمت الله عليه آهي.

١٨ سندن فرزند حضرت شيخ يوسف رحمت الله عليه آهي.

١٩ سندن فرزند حضرت شيخ سليمان رحمت الله عليه آهي.

٢٠ سندن فرزند حضرت شيخ نصيرالدين رحمت الله عليه آهي

٢١ - سندن فرزند حضرت شيخ قطب الاقطاب غوث العالمين
حضرت امام شاه رفيع الدين رحمت الله تعالى عليه آهي.

هاڻي ڪجهه سمجهاڻي

حضرت شاه امام رفيع الدين صاحب عليه الرحمت ٻالي
سرهند شريف جا آهن.

سنڌ ڪابل کان هندوستان اچڻ جو ذڪر -

حضرت امام رفيع الدين صاحب عليه الرحمة حضرت امام رباني
مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جو ڇهون ڏاڏو آهي.
باني صاحب عليه الرحمت عالم فاضل علوم ظاهري ۽ باطني
جا هوا. باني مريد ۽ امام نماز ۽ خليفه حضرت جلال الدين
بخاري ملقب سيد مخدوم جهانيان رحمت الله عليه جا هوا.
۽ مخدوم جهانيان جي نياڻي شريفه سان سندن عقد نڪاح
۾ هئي. جڏهن حضرت جلال الدين صاحب عليه الرحمت
ملقب به مخدوم جهانيان ولايت بخارا کان ڪابل آيا
ته حضرت امام رفيع الدين صاحب عليه الرحمت کي پاڻ سان
وٺي هندستان روانا ٿيا جو سندن مريد خاص سلطان
فيروز شاه تغلق والي هندستان جي دعوت تي هندستان
آيا. جڏهن هڪ ڳوٺ نالي "براس" جيڪو سرهند شريف
کان پنج ڇهه ڪوهه پري آهي مخدوم صاحب پهتو ته ڳوٺ

ساڻن حضرت مخدوم صاحب کي عرض ڪيو ته اوهان دهلي ۾
رهيا آهيو ۽ وقت جو بادشاهه فيروز شاهه اوهان جو خاص
مريد آهي. "سهرند" (جيڪو لوڪ ۾ "سرهند" جي شريف جي
نالي سان مشهور ٿيو) هڪ گهاٽو جهنگل آهي. جنهن ۾
درندا شينهن، بگهڙ ۽ ٻيا جانور آهن. اتان شهر
سامانه ڏانهن رستو آهي. جنهن ۾ سرڪاري ڪامورا
۽ خزانو رهي ٿو. اوڏانهن هتان جا ماڻهون وڏي مشڪل
سان وڃن ٿا ۽ سرڪاري ماليه يعني ڍل وغيره پهچائين ٿا
اوهان مهرباني فرمائي وقت جي بادشاهه کي حڪم فرمايو ته
اتي جهنگل يعني "سهرند" ۾ هڪ شهر ۽ وڏو قلعو
۽ مسافرخانو تعمير لاءِ وقت جو بادشاهه حڪم ڏئي.
ته اوهان جي خدا پاڪ جي خلق تي وڏي مهرباني ٿيندي.
حضرت مخدوم صاحب عليه الرحمت سندن عرض قبول ڪيو
جڏهن مخدوم صاحب جن "ڪنڌر" ۾ پهتا جو ڪنڌر

دهليءَ کان ٻن منزلن تي آهي. ته بادشاهه فيروز شاهه
حضرت مخدوم صاحب عليه الرحمت جن جي استقبال لاءِ اچي
آيو - جتي مخدوم صاحب خلق جو ڪيل مشتون عرض بادشاهه
کي ٻڌايو - بادشاهه مخدوم صاحب عليه الرحمت جي خاطر
قبول ڪيو - ۽ ان شهر جي ناهڻ لاءِ قلعه وغيره ۽
مسافرخاني جي ڪم واسطي حضرت امام رفيع الدين صاحب
عليه الرحمت جي پاءُ حضرت فتح الله صاحب کي ٻنهن جي
ٻارن امير مقرر ڪري کين ٻه هزار لشڪر ۽ خزانو ڏئي
روانو ڪيو - جڏهن حضرت فتح الله صاحب عليه الرحمت
جن اُتي پهتا ۽ قلعه جو ڪم شروع ڪرايائون ته قدرتاً
جيڪو به ڪم صبح کان شام تائين ٿيندو هو، سو ٻئي ڏينهن
ڊٺل هوندو هو. ۽ اهو ڍهڻ جو سلسلو روزانو هلندو
رهيو آخر لاچار ٿي انهي حالت جي رپورٽ بادشاهه جي
خدمت ۾ پيش ڪيائون. جڏهن بادشاهه کي اها خبر

پهتي ته بادشاهه حضرت مخدوم صاحب عليه الرحمت جي خدمت
۾ عرض ڪيو ته اوهان جي حڪم موجب اهو سڀ ڪيو ويو مگر
خبر نه آهي ته ڇا جي ڪري صبح وارو ڪم رات جو خراب ٿو
ٿئي - هاڻي جيڪو حڪم! مخدوم صاحب عليه الرحمت بادشاهه
کي دلاسو ڏيئي ٻنهي ٻارن حضرت شاهه امام رفيع الدين
صاحب عليه الرحمت کي اهي اسرار جي ڪيفيت معلوم ڪرڻ لاءِ
موڪليو. هڪ سر ٻنهي هٿن ساڻ امام رفيع الدين صاحب
عليه الرحمت کي ڏنائون ته اها سر قلم جي بنياد ۾
رکو. حضرت امام رفيع الدين صاحب عليه الرحمت کي فرمايائون
ته بادشاهه طرفان اوهان جو پيادو حضرت فتح الله صاحب
معتبر آهي. منهنجي طرفان اوهان معتبر آهيو - وڃي
اها ڪيفيت معلوم ڪريو -

جڏهن حضرت شاهه رفيع الدين صاحب عليه الرحمت جن
انهي سرزمين تي پهتا، ٻنهي جي هٿن ساڻ اها مخدوم

صاحب عليه الرحمت واري اسرَ متبرڪ قلعه جي بنياد ۾ رکي
پوءِ باطني طرح انهيءَ اسرار جي ڪيفيت معلوم ڪيائون ته
ٻين ڪان سواءِ ماڻهن حضرت شيخ شرف الدين صاحب
عليه الرحمت "مشهور بوعلي قلندر" قدس سره کي بيگار ۾
ورتو آهي. اُن حضرت جي باطني غيرت ڪري اها قلعه جي
عمارت ڍهندي رهي ٿي. حضرت بوعلي قلندر صاحب پاڻ
کي ماڻهن ۾ ڳجهي رکيو. ڪنهن کي به اها خبر ڪانه هئي
ته هي ماڻهو ڪو "بوعلي قلندر آهي"

حضرت امام رفيع الدين صاحب عليه الرحمت جن کي جڏهن اها
اندروني ڪيفيت معلوم ٿي ته حضرت بوعلي قلندر صاحب جن
وٽ وڃي عذر معذرت پيش ڪيائون ته سڀني ماڻهن کي
اوهان جي خبر نه هئي ته ڪير اوهان بوعلي قلندر آهيو.
هاڻي اوهان مهرباني فرمائي دعا ڪريو ته اها عمارت قلعه ٺهي
وڃي جو خدا پاڪ جي خلق لاءِ هڪ نجات جو ذريعه رهندو

لڌءِ حضرت بوعلي قلندر صاحب فارسيءَ ۾ هي لفظ چيا

رفيع الدين به پاس خاطر تو اين شهر چند روز آباد باشد

والا تاقيام قيامت آبادي اين را نمي گذاشتم -

(ترجمه) رفيع الدين تنهنجي خاطر هي شهر ڪجهه وقت آباد رهندو ورنه تا قيام قيامت تائين هن عمارت کي ناهر ڪين ڏيان ها...!!

آخرڪلام جڏهن اهو قلعو تيار ٿيو جو اڄ ڏينهن تائين حضرت مجدد الف ثاني عليه الرحمت جي درگاهه عالي کان هڪ ميل بند تي آهي. افسوس جو اهو اڄ هنن ڏرڙن بندن جي هٿ ۾ آهي. اسان ٻئون سال جڏهن سرهند شريف جي عرس جي موقعه تي وياهواسون ته سرڪاري طرح اسان زائرين کي اهو قلعو ڏيکاريائون. هاڻي هنن انهي قلعه جي مرمت ڪرائي آهي ۽ دنيا جي سياحن لاءِ هڪ عجائبات جو مرڪز بنايو اٿن.

(آخرڪلام) جڏهن اهو قلعو تيار ٿيو ته سلطان فيروز شاه صاحب کي ته جڏهن اهو قلعو ۽ شهر امام رفيع الدين صاحب عليه الرحمت جي

تمرف سان ٺهيو آهي ته پاڻ اُتي ئي سکونت ڪئي - ۽ اڄ به
ملڪ ۾ سرڪاري ديل وغيره ڪين جاگير طور ڏني ويئي. ان ڏينهن
کان امام رفيع الدين صاحب عليه الرحمت جي عيال سميت وڃي
اُتي ساڪن ٿيا - ۽ رشد هدايت خلق الله ۾ مشغول
رهيا، تان جو سندن وفات به اُتي ئي - سندن اولاد مان
هڪ ڏيهٽيءَ نيڪبخت حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله
تعاليٰ عنه جن جو ان بقعه مبارڪ ۾ ظهور پرنور ٿيو.
ان ڪان پوءِ حضرات مجدديه جو مستقل طرح اُتي رهڻ ٿيو
سندن قبر مبارڪ درگاه عالم پناه حضرت مجدد الف ثاني قدس
سره جن کان اولهه ڏکڻ طرف آهي - گنبذ ڪونه آهي.
سندن قبر مبارڪ سان گڏ حضرت مجدد صاحب عليه الرحمت جي
والده صاحبه عليها رحمت جي به قبر مبارڪ آهي ، مولانا
محمد هاشم ڪشمي زبدة المقامات ۾ هن طرح لکيو آهي ته
هڪ رات جناب حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله عنه

جن سندن زيارت لاءِ آئي ويا سڄو وقت بيني مراقب رهيا.
بعض خادمن عرض ڪيو ته جيڪڏهن حضور جن ويهن ته بهتر
مگر پاڻ نه ويٺا بيٺا رهيا. گهڻو وقت پنهنجي والده صاحبه
جي قبر لڳي سيا رهي رهيا رحمهما الله تعاليٰ. ٻي رات حضرت
مخدوم زاده صاحب سندن حضرت خواجه محمد معصوم صاحب
رحمة الله عليه جن ذڪر فرمايو ته حضرت جن اتان موٽي
ٿي فرمايو ته جڏهن حضرت امام رفيع الدين صاحب عليه الرحمت
جي قبر تي بيٺس پاڻ رب تعاليٰ جل شانه جي درگاهه عاليءَ
کان هي ملتجي ٿيس ته يا رب خدايا هن ساري قبرستان تان
هنن جي خاص فضل سان عذاب لاهه. الهام ٿيو ته اوهان
جي خاطر هڪ هفته عذاب گهٽايو ويو آهي. وري به درگاهه
رب تعاليٰ جي ۾ ملتجي ٿيس ته يارب تنهنجي رحمت کي حد نه
آهي تون فضل ڪر ته ابدا ساري قبرستان تان عذاب
دور فرماءِ. جواب مليو ته هڪ مهينو عذاب هٽايو ويو.

دري ۾ درگاه حضرت تعالیٰ جلشانہٗ ۾ ملتجي ٿيس ۽ عرض ڪيم
ته يارب تون غفور ۽ رحيم آهين ابدًا عذاب دفع فرماءِ ـ
رب تعالیٰ جلشانہٗ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان ساري قبرستان
تان قيامت تائين ابدًا عذاب رفع دفع فرمايو ـ اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ
الرَّحِيْمُ ٥ ٻي ڏينهن پنهنجي والد صاحب ۽ جد مبارڪ صاحب
عليهم الرحمت جي زيارت لاءِ تشريف فرما ٿيا جو سندن درگاه
عالي ڪان اتر ۽ اولهه طرف قريبًا هڪ ميل تي آهي ـ اتي سندن
خاطر مبارڪ تي آيو ته حضور سرورِ دين و دنيا صلی الله تعالیٰ
عليه وآله واصحابه وبارڪ وسلم جن جي حديث مبارڪ آهي ته
جيڪڏهن ڪو عالم رباني ڪنهن قبرستان تي وڃي ته رب تعالیٰ
جلشانہٗ ان عالم جي صدقه ساري قبرستان تان چاليهه ڏينهن
عذاب دفع فرمائي ٿو ـ مجرد هن خيال سان ڪين رب تعالیٰ
جلشانہٗ جي طرفان الهام ٿيو ته توهان جي خاطر هن ساري
قبرستان تان تا قيامت عذاب دفع ڪيو ويو آهي ـ

هي حڪايت زبدة المقامات مان نقل ڪيل آهي -

حضرت امام رفيع الدين صاحب عليه الرحمت ۽ حضرت صاحب جي
والد صاحب عليه الرحمت متان گنبذ نه آهي. هڪ احاطه
جو ڏوارو جو آهي. اڳ بنهي صاحبن جي قبرن مبارڪن جي
چوطرف وڏو قبرستان هو. هاڻي ان قبرستان جو ظاهرا
ڪو به نشان ڪونه آهي. فقط مخصوص سندن قبرن کي چوديواري
آهي. جيڪڏهن سندن احوال مبارڪ لکان ته هي چوپڙي چاهيجي
ڪتاب پڙهجي جن مگر بالڪل اختصار سان تبرڪا هي هڪ
حڪايت لکي اٿم. جا شنيدن ارزوار آهي -

هاڻي ويهي حضرت امام رفيع الدين صاحب عليه الرحمت جي والد
صاحب جن جو النساب لکجي ٿو -

۲۲ حضرت امام رفيع الدين صاحب عليه الرحمت جي ~~والد~~ فرزند صاحب
جن جو نالو حضرت حبيب الله صاحب رحمت الله عليه آهي -

۲۳ سندن ~~والد~~ فرزند صاحب جن جو نالو حضرت شيخ محمد صاحب
عليه الرحمت آهي -

٢٤ سندن ~~والد~~ فرزند صاحب جو نالو حضرت عبدالحق صاحب
عليه الرحمت آهي.

٢٥ سندن ~~والد~~ فرزند صاحب جو نالو حضرت شيخ زين العابدين رحمت
الله تعاليٰ عليه آهي.

٢٦ سندن ~~والد~~ فرزند صاحب جو نالو حضرت شيخ عبدالصمد عليه
الرحمت آهي.

هاڻي هتي ذڪر حضرت مجدد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جي
والد صاحب جو لکجي ٿو.

حضرت شيخ عبدالاحد صاحب جنهن جو لقب "مخدوم" صاحب
آهي. پاڻ مجاز طريقه قادريه ۽ چشتيه رحمة الله عليهم جا
هوا. سندن عين جوانيءَ جي وقت ديني علم جي پڙهڻ ۽
طريقت جي حاصل ڪرڻ جو شوق ٿيو. ان وقت جو بزرگ
معلم النفوس حضرت شيخ عبدالقدوس صاحب عليه الرحمت
(گنگوهي) طريقه قادريه رحمة الله عليه جا صاحب علم ظاهري

۾ باطني ڄاڻ بزرگ هوا. سندن خدمت ۾ ٻه سندن دست مبارڪ تي طريقه قادريه ۾ بيعت ورتائون. خواجه الوقت طريقه نقشبنديه رحمت الله عليهم جيڪو به بزرگ هندستان ۾ نه آيل هو. حضرت مخدوم صاحب پنهنجي مرشد حضرت عبدالقدوس صاحب عليه الرحمت کي عرض ڪيو ته آءٌ اوهان جي صحبت ۾ رهي ورتي فيض حاصل ڪريان. سندن مرشد کين فرمايو ته اول طريقت ۾ علم ديني حاصل ڪرڻ ضروري آهي جو سواءِ علم دين جي طريقت ۾ خدشا آهن تا. پهرين علم ديني حاصل ڪرڻ لاءِ مرڪز ٿي اچو. انشاءالله تعالى سڀ ڪجهه اوهان کي حاصل ٿيندو.

حضرت مخدوم صاحب عليه الرحمت عرض ڪيو ته اوهان صحبت جي عمر مبارڪ تمام وڏي آهي، ٿي ڌسجي مبادا مان علم حاصل ڪرڻ لاءِ اچان ۽ اوهان موجود نه هجو. سندن مرشد فرمايو ته جڏهن به علم حاصل ڪري لعبد اچين ۽ آءٌ موجود

نه ڄاڻان ته ڪهڙي فرزند حضرت شيخ رڪن الدين صاحب عليه الرحمت جي
وٽ اچي ڪجهه به فيض گهرندين سو توکي ان کان حاصل ٿيندو. انشاءالله تعاليٰ
پوءِ مخدوم صاحب سندن حڪم جب تحصيل علم ديني ۾ مشغول ٿيا
۽ علم ۾ شايانِ شان رتبه حاصل ڪيائون. هر هنڌ ۾ جتي
به ڪنهن کي عالم معلوم ٿيندو هوا ان وٽ وڃي تعليم علم قرآن
بلڪ ۽ حديث بلڪ ۽ علم سير ڪما حقه حاصل ڪيائون. پوءِ
جڏهن ۽ پنهنجي مرشد جي درگاه تي آيا ته حضرت شيخ صاحب
عبدالقدوس عليه الرحمت جن وفات ڪئي هئي. ۽ سندن
فرزند مسندِ رشد ارشاد تي رونق افروز هوا.

حضرت شيخ رڪن الدين صاحب قدس سره پنهنجي والد صاحب
جي وصيت ۽ حڪم جب مخدوم صاحب کي وڏي شفقت
سان طريقه قادريه ۽ چشتيه رحمت الله عليهم ۾ فائض
فرمايائون ۽ خلافت جي خلعت سان ڪين مشرف فرمايائون
ڪين پنهنجو طريقن يعني قادريه ۽ ~~نقشبنديه~~ چشتيه عليهم الرحمة

۾ تلقين طريقت جي طالبن لاءِ امر فرمايائون ۽ اجازت
نامه ڏني، فصاحت ۽ بلاغت سان عربيءَ ۾ لکي ڏنائون
ان مان تبرڪاً هي ٻه بيت عربي ۽ فارسيءَ جا هتي لکجن ٿا.

وَفَدَ الخَيرُ وَالإِقبالُ مَوعِدًا ۔ كَوكَبُ المَجدِ فِي الأُفُقِ الأَعلىٰ صَعِدَا
بشرا ترا که دولتِ دارين رونمود ۔ ايجاز وعده کرد نقابي ز رخ کشود
بر آسمان رفعتِ شمسي بر آمده ۔ نوري ازان بتافت اندر جهان نمود

هن کان ٻين عربيءَ ۾ نهايت فصاحت ۽ بلاغت سان اجازت
نامه لکيا اٿن. طوالت ۽ هن زماني جي بي علمي کري نه لکيم
جنهن کي ڏسڻ جو شوق هجي ته ڪتاب عمدة المقامات صفحو
نمبر ۱۰۳ ۽ صفحو نمبر ۱۰۴ تي ملاحظه فرمائي. حضرت مخدوم
صاحب اول بيعت طريقت حضرت شيخ عبدالقدوس گنگوهي
رحمت الله عليه جي دست مبارڪ تي ڪئي. سندن وفات تي
مرشد جي حڪم ۽ وصيت موجب سندن فرزند حضرت شيخ
رڪن الدين صاحب عليه الرحمت کان فائض ٿيا ۽ خلافت

جي خلعت ۽ اجازت نامه ڪين ٿڪي مخلوق جي رشد هدايت
لاءِ حڪم فرمايائون. حضرت مخدوم صاحب عليه الرحمت جن
سواءِ سنڌ جي ٻين ٻن بزرگن صاحبن عليهما الرحمت جي
به صحبت حاصل ڪئي آهي. ۽ انهن کان مٿن يد فيض به
حاصل ڪيو اٿن. انهن بزرگن جا نالا مبارڪ هي آهن.

1. حضرت شيخ جلال الدين صاحب ٿانيسري عليه الرحمت.
حضرت جلال الدين صاحب وڏي ۽ وڏو خليفه حضرت عبدالقدوس
صاحب عليه الرحمت جو هو. ۽ صاحب طريقت ۽ شريعت هو.

2. ٻي صحبت ۽ ملاقات حضرت شيخ ڪمال ڪيٿلي وارن سان ٿين.
رحمت الله عليه. اهي سيد صاحب طريقه قادريه ۽ چشتيه
جا هوا. مٿن عجيب عجيب ڪرامتون آهن جي طوالت سبب
هت لکيل نه آهن. هي سيد صاحب مسئله "وحدت الوجود"
جا قائل هوا. جنهن کي جناب حضرت مجدد صاحب قدس سره
جن مان سڪري ڪيو آهي. حضرت مجدد صاحب قدس سره

جن زماني ۾ اهو ته سندن والد صاحب جو نزول هو ته آخر نهايت
طريقت جي طريقه نقشبنديه ۾ آهي - مگر افسوس اج تائين
ڪو به بزرگ طريقه نقشبنديه جو هندوستان ۾ نه آيل آهي
جوان ذات وٽي سعادت حقيقت جي حاصل ڪجي - الله پاڪ
جل شانه جي درگاه عالي ۾ التجا آهي ته ڪو اهڙو بزرگ
نقشبنديه جو هت هندستان ۾ آڻي يا اسان کي اُن تائين پهچائي -
مخدوم صاحب عليه الرحمت جن جي اها دعا رب تعالى جل شانه
قبول فرمائي ۽ سندن وفات بعد حضرت شاه باقي بالله صاحب
رضي الله تعالى عنه جن جو هندستان ۾ اچڻ ٿيو ۽ سندن
فرزند ارجمند حضرت مجدد صاحب عليه الرحمت حضرت شاه
باقي بالله صاحب جن جي دست مبارڪ تي بيعت طريقت جي
طريقه نقشبنديه ۾ ورتي - ۽ سندن برڪت سان دنيا ۾
فيض جا دريا جاري ٿيا ۽ رب تعالى جل شانه کين رتبه
"مجدد" جو عطا فرمايو - مخدوم صاحب عليه الرحمت جن
(الف ثاني)

٣

گهڻن اوليائن جي صحبت حاصل ڪئي آهي. انهن سيد علي قوام
رحمت الله عليه به آهي. هي صاحب طريقه چشتيه جو وڏو بزرگ
هو. حضرت علي قوام صاحب عليه الرحمت جن خواب ۾ جناب
حضرت حضور سرور دين و دنيا صلي الله عليه و آله و صحبه وسلم
جي زيارت فيض بشارت کان مشرف ٿيا. حضور جن کين فرمايو
ته اي علي تون ولايت جو دهل ٻنهجي در تي هڻين ٿو ۽
خلق الله تعالیٰ جي خبرگيري نٿو ڪرين. حضرت علي قوام
عرض ڪيو... يا رسول الله ! صلي الله تعالیٰ عليه و آله و صحبه وسلم
جيڪڏهن ڪو اهل دل جو آهي ته به تنهجي توسل ساڻ جي نه
آهي ته به تنهجي توسل سان. علي وچارو ڪير آهي جو عجم جي
حضور جن صلي الله عليه وسلم جن کين فرمايو ته " اي علي تون
مخلوق لاءِ دعا گهر جو تنهجي دعا رب تعالیٰ جل شانه قبول فرمائي آهي.
مخدوم صاحب عليه الرحمت جي بزرگي ۽ علم جو بيان لکجي
ته اهڙا ڪيئي ڪتاب لکبا پيا وڃن. مگر اڪتفا ڪري هاڻي

پنهنجي مرشد صاحب تي اچي ٿو. هاڻي ذڪر شريف حضرت جناب محمد صاحب عليه الرحمت جو لکجي ٿو. وهو هذا =

حضرت مخدوم صاحب ڳڻن وقت هندستان جي سير و سياحت ڪئي. هڪ ته دين جي اشاعت لاءِ ٻيو اهل الله بزرگن جي صحبت حاصل ڪرڻ خاطر. انهي سياحت ۾ "سڪندره" شهر ۾ هوا ته هڪ عابده زاهده زال سندن خدمت ۾ آئي ۽ اچي عرض ڪيائين ته مون کي هڪ ڌيءَ عصمت مآب آهي منهنجو خيال ۽ عرض آهي ته اها عفيفه اوهان جي عقد نڪاح ۾ آڻيو ته مون لاءِ باعث عزت آهي. اها مائي صاحبه به اهل دل مان هئي — حضرت صاحب جن جي جبين مبارڪ تي فيض جا آثار معلوم ٿيا تڏهن سندن خدمت ۾ وڃي اهو عرض ڪيائين. حضرت جن اول ته ڪو خيال ظاهر نه فرمايو. مگر مائي صاحبه جي وري عرض التجا تي قبول فرمايائون.

قدرتاً انهيءَ عفيفه مان جناب حضرت محمد صاحب قدس سره

جهڙو ڏهه ڀيٽا پيدا فرمايو - جو سارو جهان ان جي فيض ۽
برڪت سان ڀرپور ٿيو - انهي مثال تي هڪ فارسي بيت آهي ته -

زهي دولتِ مادرِ روزگار      که پوري چو تو پرورد در کنار

يعني اهڙي ماءُ کي فخر ڪرڻ گهرجي ته سندس پيٽ مبارڪ مان
اهڙو بي بها ڏهه ڀيٽا پيدا ٿيو - هي ماڻهون قوم افغان ”ترين“
مان آهن - حضرت جن نڪاح کان پوءِ ڪجهه وقت اُتي رهي
پوءِ عيال سميت پنهنجي آستانه مبارڪ تي سرهند شريف آيا.
۽ اهي صاحب دولت منهيا - انهي عقد مان حضرت مخدوم
صاحب جن کي اول ديني پوءِ دنيائي گهڻا فائدا پهتا...
حضرت مجدد صاحب رضي الله تعالىٰ عنه جي ولادت شريف
سرهند شريف ۾ ٿي آهي. سال هجري ٩٧١ ۾ -

سرهند مگو که رشکِ طور است      خار و خسِ او همه نور است

يعني سرهند کي سرهند نه چئو بلڪه طور سينا جي مثل آهي. اُن
جا ڪک ۽ ڪنڊا سڀ نور آهن -

جن ۾ حضرت مخدوم صاحب جن فيضياب حضرات قادريه جا آهن رحمهم الله تعاليٰ ته مناسب آهي بلڪ لازم آهي ته ڪجهه ذڪر جناب حضرت غوث الثقلين سيدنا عبد القادر جيلاني صاحب رحمت الله عليه جن جو به لکجي - جو سندن قدم مبارڪ ڪل ولين تي آهي.

## ذڪر جناب حضرت محبوب سبحاني غوث الثقلين سيدنا عبد القادر جيلاني رضي الله تعاليٰ عنه

جناب حضرت محبوب سبحاني قطب رباني غوث الثقلين شيخ الجن والانس جناب سيدنا عبد القادر جيلاني رضي الله تعاليٰ عنه الحنبلي والشافعي - سندن ڪنيت ابو محمد آهي - والدين طرفان حسني، علوي آهن سندن والده شريف جو نالو بي بي "ام الخير امة الجبار فاطمه" آهي رحمها الله تعاليٰ - سندن والد صاحب جو نالو "عبد الله" صومعي آهي. بي بي صاحبه فرمائي ٿي ته جنهن حضرت عبد القادر صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جن ڄاوا ته

رمضان شريف جي مهيني ۾ ڏينهن جو ڪڏهن به ٿڃ نه ورتائون.

اتفاقاً عيد جو چنڊ ڪڪرن جي ڪري ڏسڻ ۾ نه آيو - اُن جي

عالمن چيو ته بي بي صاحبه کان پڇيو وڃي ته حضرت عبدالقادر

صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جن پنهنجي والده جي ٿڃ ڏينهن جو ورتي

آهي يا نه - بي بي صاحبه فرمايو ته نه... پوءِ يقين سان معلوم

ٿيو ته برابر اڄ روزو آهي - سندن ڪرامت شيرخوري جي

وقت جي اها آهي، سندن ٻين ڪرامتن ته هزارين آهن.

حضرت مجدد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جن فرمائن ٿا ته جيتريون

ڪرامتون حضرت دستگير صاحب جن کان ظاهر ٿيل آهن اوتريون

ٻئي ڪنهن به ولي کان هرگز نه ٿيون آهن.

سندن ولادت مبارڪ ۱۷۴ هه ۾ آهي - پاڻ فرمائن ٿا ته -

مان ننڍو هوس عرفه جي ڏينهن يعني ۹ ذوالحج تي ٻاهر جهنگ

طرف نڪتس - جهنگ ۾ ڍڳيون ڳاهه پئي چرن - هڪ

ڍڳي مون ڏانهن ورائي حضرت کي چيو ته -

يَا عَبْدُ الْقَادِرِ مَا هٰذَا خُلِقْتَ وَمَا بِهٰذَا اُمِرْتَ

يعني اي عبدالقادر تون ڇا لاءِ خلقيو ويو آهين ۽ توکي ڇالاءِ
امر ڪيل آهي. اتان موٽي گهر آيس ۽ پنهنجي گهر جي ڇت تان
ويس ته ڏٺم ته حاجي سڳورا عرفات جي ميدان تي بيٺل آهن.
پوءِ لهي پنهنجي والده صاحبه جي خدمت ۾ ويس ۽ چيم
ته مون کي الله پاڪ جي واٽ ۾ موڪل ڏيو ته بغداد ۾ علم
حاصل ڪريان. ان وقت بغداد شريف ساري دنيائي اسلام جو علمي
ديني مرڪز هو. ۽ صالحن ۽ بزرگن جي صحبت حاصل ڪريان.
جڏهن سندن والده صاحبه پنهنجي فرزند جي اها ڪيفيت ڏٺي
ته روئي ڪري پنهنجي پيارن اجازت ڏنائين ۽ سندس والد صاحب
جي ميراث مان ٤٠ چاليهه دينار (دينار ان وقت جو سون جو
سڪو هو) سندس ڀرياٽ جي اندران سبي ڏنائين ۽ وصيت
ڪيائين ته بابا توکي الله جي واٽ ۾ وقف ڪيم هاڻي توکي قيامت
جي ڏينهن ڏسنديس. وڃ دين جي تعليم حاصل ڪر ۽ بزرگن

جي صحبت ۾ رهيا. ۽ خاص طرح وصيت ڪيائون ته:-
”بابا ڪوڙ ڪڏهن نه ڳالهائج“ پوءِ حضرت جن هڪ ننڍي
مختصر قافلي سان بغداد شريف روانا ٿيا. واٽ تي قافلي مٿان
هڪ سٺ ساٺن جي ڦورن ٽوليءَ حملو ڪيو ۽ ڦرلٽ شروع
ڪئي. حضرت جن هڪ پاسي ويٺل هوا. هڪ ڦورو اچي
کانئن پڇيو ته ”ڇوڪرا تو وٽ به پيسا آهن“ پاڻ ورانيائون
ته ”ها“. ”ڪيترا آهن؟ چيائون ته ”چاليهه دينار“ ڪٿي آهن؟
چيائون ”منهنجي پهراڻ اندر بغل طرف سبيل آهن ! ....
ڦورو سندن چوڻ هڪ مسخره طور سمجهي هليو ويو.
وري ٻيو ڦورو آيو، اُن کي به ساڳيو جواب ڏنائون. سو به
چڙي هليو ويو. ۽ ٻنهي ڦورن گڏجي وڃي پنهنجي سردار
کي ٻڌايو ته ”هڪ ڇوڪرو آهي جو چوي ٿو ته وٽس چاليهه
دينار آهن. خبر ناهي ته سچ ٿو چوي يا مسخري ڪري ٿو.
سردار چيو ته. اُن کي مون وٽ وٺي اچو؟ حضرت جن

قورن جي سردار کي به ساڳيو جواب ڏنو. سردار قورن کي چيو
ته توهان سڀني ٻهراڙين جي اندران ڏسو ته اها ڳالهه برابر آهي
يا "ڪوڙ" آهي. ٻهراڙيون ڦاڙي ڏٺائون ته برابر ٻه صالحيا دينار
نڪتا. اُن تي سردار چيو ته "اي ڇوڪرا...!! توکي هن
سچ ڳالهائڻ تي ڪنهن آماده ڪيو؟ اسان کي ته خيال ئي نه هو
ته توهان جهڙي غريب ڇوڪري وٽ ايترا پئسا هوندا...! حضرت
جن فرمايو ته مون کي منهنجي والده صاحبه وصيت ڪئي آهي
ته "ڪوڙ هرگز نه ڳالهائج". انهيءَ ڪري مون ڪوڙ نه ڳالهايو.
انهن لفظن ٻڌڻ سان قورن جو سردار روئي ويٺو ۽ چيائين
ته افسوس صد افسوس جو اسان ساري عمر رب تعاليٰ جي حڪم
جي انحرافي ڪئي آهي، ۽ تون پنهنجي ماءُ جي وصيت تي برقرار آهين
هاڻي اسان سڀ تنهنجي هٿ تي توبه تائب ٿيون ٿا. اُن
لبه ساري قافلي جو لٽيل سامان مالڪن کي صحيح سلامت
موٽائي ڏنائون. هي سندن خورد سالي جي ڪرامت آهي.

پوءِ حضرت پاڻ رحمت الله عليه جن بغداد شريف ويا ۽ اُتي
جي عالمن سڳورن وٽ تعليم علم جي شروع ڪيائون -
پهريائين قرآن شريف حفظ ڪيائون - پوءِ تفسير قرآن مجيد ۽
علم حديث شريف ۽ علم معقول حاصل ڪيائون -

حضرت جامي صاحب عليه الرحمت "نفحات" ۾ ذڪر ڪيو آهي
۽ امام يافعي رحمت الله عليه پنهنجي ڪتاب تاريخ ۾ لکيو آهي ته
جيتريون ڪرامتون حضرت غوث الثقلين رضي الله تعاليٰ عنه
جن کان ظاهر ٿيل آهن - اوتريون ٻئي ڪنهن بزرگ کان نه
ٿيون آهن - حضرت جن پاڻ فرمائيندا هئا ته پورا پندرهن
سال ڪسرى جي هڪ ڊٺل برج قلعي ۾ ويٺس ۽ رب تعاليٰ
جلشانه سان وعدو ڪيم ته تيستائين هرگز نه کائيندس جيستائين
مون کي ڪو ماڻهون وات ۾ گراهه نه ڏيندو - ۽ هرگز پاڻي
نه پيئندس جيستائين ڪو شخص منهنجي وات تي پاڻي نه رکندو -
هڪ دفعو پورا چاليهه ڏينهن گذري ويا مگر ڪو به شخص نه آيو ۽

۽ ڪنهن به نه ماني نه پاڻي منهنجي وات تي رکيو- چاليهن ڏهن
بعد هڪ شخص مون وٽ آيو ۽ ماني پاڻي منهنجي ڀرسان رکي ويو
مگر منهنجي وات تي نه رکيائين- بک ۾ اچ ڪان منهنجو نفس ماني
۽ پاڻي تي ڦتا نه ڪريو- مگر مون کين چيو ته والله بالله
مون جيڪو عهد پنهنجي رب تعاليٰ جل شانه سان ڪيو آهي اهو
هرگز نه ٽوڙيندس ۽ نه ڪانئيندس ۽ نه ڀڃيندس- اندران
نفس جو آواز پيو ٿم ته "الجوع - الجوع" يعني بک بک -
اوچتو مون وٽ حضرت شيخ ابوسعيد مخزومي قدس سره
آيو ۽ منهنجي اندران منهنجي نفس جو اهو آواز "الجوع الجوع"
ٻڌي چيائين ته اي عبدالقادر هي ڪهڙو آواز آهي.
حضرت جن کين جواب ڏنو ته هي نفس جو آواز آهي- مگر روح
منهنجو رب تعاليٰ جل شانه جي ذڪر ۾ برقرار آهي.
رب تعاليٰ جي الهام جي حضرت شيخ ابوسعيد رحمت الله عليه
جن حضرت عبدالقادر صاحب رضي الله تعاليٰ عنه کي فرمايو ته

هاڻي منهنجي گهر اچ - اڄ منهنجي حوالي ٿيو.

حضرت جن فرمايو ته سان سنڌين گهرن ۾ ويس ۽ توڪل
علي الله ڪري ويهي رهيس. ان کان پوءِ حضرت ابوالعباس
يعني حضرت خضر عليه السلام جن تشريف فرما ٿيا ۽ فرمايائون ته
اُٿ ۽ حضرت ابو سعيد جي گهر وڃ جو تو کي امانت منجهان
جانب الله تعاليٰ حضرت ابو سعيد وٽان ملي آهي.

حضرت خضر عليه السلام جي چوڻ سبب حضرت ابو سعيد صاحب
جن جي گهر ويس ڏٺم ته حضرت ابو سعيد منهنجي انتظار ۾
در تي ويٺو آهي. حضرت ابو سعيد فرمايو ته اي عبدالقادر!
منهنجي چوڻ تي اعتبار نه ڪيئي. هاڻي حضرت خضر عليه السلام
جي چوڻ سبب آيو آهين. پوءِ مون کي منهنجي گهر ۾ وٺي هليو
۽ جيڪو لطيف طعام تيار ڪيو هوائون سو هڪ هڪ لقمه
ڪري منهنجي وات ۾ ڏيندو رهيو. تان جو ڍَؤُ ڪيم.
ان کان پوءِ مون کي غوثيت جو خرقه شريف پهرايائون.

ان کان بعد سندن خدمت ۾ رهيس ۔

غوثيت جو خرقه هن سلسله سان هلي ٿو ـ

حضرت عبدالقادر بن ابي صالح بن عبدالله الجيلي
هٿان حضرت شيخ ابو سعيد المبارڪ بن علي المخزومي ۔
۽ انهيءَ کي هٿان حضرت شيخ ابي الحسن علي بن محمد
بن يوسف القريشي المنڪاري ۔ ۽ انهيءَ کي هٿان حضرت
شيخ ابو الفرح طرطوسي ۽ انهيءَ کي هٿان حضرت شيخ ابي
الفضل عبدالواحد بن عبدالعزيز التميمي ۽ انهيءَ کي هٿان
حضرت شيخ ابي بکر الشبلي قدس سرهما

هڪ واقعه بابت پاڻ حضرت جن فرمائيو ته هڪ ماڻهو
وٽن آيو ۽ چيائين ته فلاڻا توسان صحبت گهرين ٿو. مون چيو
ته هلو ۔ چيائين ته هيٺ ويهه ته آءُ؟ مون چيو اچان ۔ مان
ان جاءِ تي پورو هڪ سال ويٺو رهيس ۔ ٻئي سال هو آيو
۽ پاڻ سان ڪيري ماني کڻي آيو ۔ ۽ چيائين ته مان خضر
(عليہ السلام)

آهيان - لوءِ مالئي ڪير گڏ ڪا ڏو سون - ان لعب ڇپايءِ ته

هل ته لعبزاد ڍهلون - لوءِ گڏ جي لعبزاد ڇهتاسون - " —

حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جن فرمايئن ٿا

ته رب تعالیٰ جل شانه تائين ڇهن جا به رستا آهن - ڇهلون لعبز

رستو نبوة جو آهي - ٻيو لعبز رستو قرب ولايت جو آهي -

ڇهرلون رستو خصوص انبياءِ عليهم السلام جوءِ صحابين

سڳورن رضوان الله تعالیٰ عليهم جن جو آهي - ءِ اقل قليل

مؤمنن ڪي - اول درجه جي وات . ٻي توسل (حيلوليت)

عنهن جي نه آهي - ساوات فقط انبياءِ عليهم السلام جن

جي آهي - ٻي وات قرب ولايت جي آهي - ان ۾ توسلءِ

حيلوليت جو اصل عظيم آهي - اها وات حضرت سرور عالم

صلی الله عليه وآله وصحبه وسلم جن جي مخصوص حضرت علي

ڪرم الله وجهه کي عطا ٿي - حضرت علي ڪرم الله وجهه جن

کان لعبه حضرات ٻارهن امام سڳورا اهي وات جا وارث هوا -

۽ ان ڪانپوءِ حضرات باقين امامن بزرگن رضوان الله تعالیٰ
عليهم جن جي وسيلي ٻين کي فيض مليو. امامن صاحبن
ڪانپوءِ اعلیٰ درجو حضرت محبوب سبحاني شيخ
عبدالقادر جيلاني رضي الله تعالیٰ عنه کي عطا ٿيو. جو
قيامت تائين انهن لاءِ مخصوص رهيو. پاڻ حضرت جن پاڪي
اهڙي راهه جو نائب "وارث" آهن. سندن قدم مبارڪ ڪل ولين
تي ثابت آهي. پاڻ حضرت جن زير قدم جناب حضرت سرور
عالم صلی الله تعالیٰ عليه و آله واصحابه وسلم جي آهن.
۽ ذات وصول حضرات نقشبنديه رحمهم الله تعالیٰ وغيرهم اقل
قليل اعلیٰ درجي تي پهتل آهن. حتیٰ ڪه حضرت امام مهدي
رضي الله تعالیٰ عنه اول درجي ۾ آهن. ۽ جناب حضرت
مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جن به پاڻ کي رب تعالیٰ
جل شانه جي خاص فضل ڪرم ۽ متابعت شريعت شريف
حضرت سرور دوعالم صلی الله تعالیٰ عليه وآله وصحبه وسلم جي

طفيل انهن راهه جي اول درجه جو مستفيض بالاصالة قرار

فرمايو اٿن - جنهن کي هن ڳالهه جي تفصيل سان معلوم ڪرڻ جو

شوق هجي ته مکتوبات شريف جي مکتوب نمبر ١٢٣ جلد ثالث

۾ مطالعه فرمائي - مطلب ته حضرت غوث الثقلين رضي الله

تعاليٰ عنه جون ڪرامتون ۽ بيان لکڻ ته عيني دفتر

پيا کپن - هت فقط ڪجهه مختصر طرح لکيو ويو -

(فرد) سگِ درگاه جيلان شو چو خواهي قرب رباني

که بر شيران شرف دارد سگِ درگاهِ جيلاني

(مطلب) جيڪڏهن رب تعاليٰ جلشانه جو قرب گهرين ته

درگاه جيلان جو ڪتو ٿيءُ - جو ته جيلاني درگاه جو ڪتو

شينهن تي به شرف ٿو رکي -

راقم الحروف جي قبله گاه والد صاحب عليه الرحمت جن ستن سالن

جي عمر ۾ خواب ۾ حضرت محبوب سبحاني قدس سره جا مريد ٿيل

آهن ۽ ڪيئي تلقين طريقه نقشبنديه ۾ محبوب سبحاني قدس سره

جن عطا ڪئي آهي - سندن هڪ نظم ۾ فرمايو اٿن -

پس از اثنا عشر قطب عراقي    مريد او شده استم من به طفلي

طريقهٔ نقشبندي او به من داد    به پاس نقشبندان شاهِ بغداد

حضرت محبوب سبحاني رضي الله تعاليٰ عنه جن جو شان ساري اولياءِ امت محمديه صلي الله تعاليٰ عليه وآله واصحابه وسلم جن کان نرالو ۽ عظيم الشان آهي -

حضرت شاهه فضل الله صاحب عليه الرحمت جن پنهنجي ڪتاب عمدة المقامات ۾ لکن ٿا ته الحمد لله تعاليٰ سندن نسب مبارڪ والده صاحبه جي طرفان حضرت محبوب سبحاني رضي الله تعاليٰ عنه جن سان ملي ٿو - انهيءَ تي هزارها شڪر بجا آندا اٿن - حضرت بي بي صاحبه سندن والده ماجده ۽ سندن والد صاحب ۽ سندن جدّ امجد صاحب جن جون والده صاحبان حضرت محبوب سبحاني رضي الله تعاليٰ عنه جن جي اولاد مبارڪ مان آهن - (تمت)

# ذڪر جناب حضرت مجدد الف ثاني

## رضي الله تعالیٰ عنه

جڏهن سندن عمر مبارڪ لائق درس جي ٿي تڏهن سندن والد صاحب جن کين اول قرآن شريف جي حفظ لاءِ مامور ڪيو - ٿوري وقت ۾ قرآن شريف جو حفظ ڪيائون - پوءِ تحصيل علم ديني ۾ مشغول ٿيا - کين رب تعاليٰ جل شانه ننڍي عمر ۾ ئي هر طرح سان نوازيو هو کين ذهن ذڪاء حد درجي جو هو. ٿوري وقت اندر ديني علم جي تحصيل ڪيائون - اڪثر علم پنهنجي والد صاحب کان حاصل ڪيائون ۽ وقت جي ٻين وڏن عالمن سڳورن کان به هر طرح جو علم حاصل ڪيائون سندن استادن جا نالا سواءِ سندن والد شريف جي هي آهن .

جناب حضرت مولانا عبدالحڪيم صاحب سيالڪوٽي رحمت الله عليه حديث شريف جو علم اسناد سان وقت جي وڏي

محدث حضرت شيخ يعقوب ڪشميري رحمت الله عليه کان حاصل
ڪيو. گهڻن حديثن جو مسلسل اسناد ۽ تفسير قرآن مجيد
وغيرهم جو حضرت ڪشميري کان ڪين حاصل رهيو. مطلب ته
ٿوري عرصي ۾ مڪمل علم ديني حاصل ڪري وڏن ڪتابن تي شرح
لکيائون. جنهن تفصيل زبدة المقامات ۽ عمدة المقامات ۾
پوري طرح لکيل آهي. بعضي رسالا عربي ۽ فارسي ۾ تصنيف
ڪيائون. هڪ رسالو رد مذهب شيعن جي ۾ نهايت مدلل
طريقي سان تصنيف ڪيائون. جنهن جو جواب ڪنهن به وقت
جا شيعه نه ڪري سگهيا. ڪنهن ڪنهن وقت اڪبر بادشاه
جي دور ۾ ابو الفضل جو وقت جو وڏو مدبر هو سندس مجلس ۾
ويندا هوا. هڪ ڏينهن ابو الفضل فلاسفرن جي اتري صفت
ڪئي جو انهي ۾ دين جي عالمن سڳورن جي توهين ٿي ظاهر ٿي
ان مجلس ۾ گهڻا عالم موجود هوا مگر ابو الفضل جي خوف
کان ڪير ڪجهه به نه چئي سگهيا. اتي حضرت مجدد صاحب قدس سره

جن ديني جوش خاطر ابوالفضل کي مخاطب ٿي فرمايو ته -

امام غزالي رحمت الله عليه لکيو آهي ته جيڪو فلاسفرن علم الاهيات ، حڪمت ، نجوم ، هيئت ۽ طب جو انبياءِ ڪرام صلوات الله عليهم جي سنڌن ڪلام کان چورائي لکيو آهي جهڙوڪ رياضي وغيرهه سو اهو علم ڪفر جي ڪم جو ٿيو . ابوالفضل اهو ٻڌي سخت غصي ۾ اچي چيو ته امام غزالي نامعقول چيو آهي . حضرت صاحبن کي انهيءَ جملي "نامعقول" تي سخت غصو آيو ۽ فرمايائون ته "جيڪڏهن ترڪي اهل علم وارن جي صحبت جو ذوق آهي ته اهڙا نامعقول جملا حضرات علماءِ دين جي حق ۾ نه ڳالهاءِ" - ايئن چئي پاڻ سندس مجلس مان اٿي ويا . ۽ پوءِ ڪيترا ڏينهن سندس مجلس ۾ نه ويا . آخرڪار ابوالفضل اچي حضرت کي ته آئينده اهڙو جملو نه چوندس . اوهان مهرباني فرمائي منهنجي مجلس ۾ ايندا ڪريو -

اهڙيءَ طرح ابوالفضل جي ڀاءُ ”فيضي“ قرآن شريف جو ترجمو بي نقاط الفاظن ۾ ڪري لکيو. هڪ اهڙيءَ جاءِ تي اچي منجهيو جتي اهو جملو بي نقاط مشڪل ٿي پيو. اتفاقاً حضرت مجدد صاحب رضي الله تعاليٰ جن سندس مجلس ۾ ويا. ملا فيضي ڏسي تمام خوش ٿيو ۽ چيائين ته تمام چڱو جو اوهان آيا آهيو. هڪ جملي ۾ بالڪل عاجز ٿيو آهيان اوهان مهرباني ڪري ان جو حل ڪندا ته نوازش. حضرت صاحب جن اعنيءَ مجلس ۾ اُتي جو اُتي فصاحت شان سان اهو جملو ڪيئن حل ڪري ڏيئي فرمايو. سڀ حاضرين مجلس حيران ٿي ويا ۽ حضرت صاحب جن ڪمال علم جي تعريف ڪيائون. مطلب ته سارئي هندستان جا عالم حضرت صاحب جن جي علمي ڪماليت جا مداح هوا.

حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جن جو

ظاهري علم ۾ ڪمال حاصل ڪرڻ کان پوءِ سلوڪ باطنيءَ ڏانهن مائل ٿيڻ

حضرت صاحب جن کي علم ظاهريءَ کان پوءِ شوق سلوڪ باطنيءَ

ڏانهن ٿيو - پاڻ انهيءَ خيال سان هندستان جو سفر ڪيائون -
ڪهڙن ضروري سببن ڪري آگري ۾ گهڻو وقت لڳو - سندن والد
صاحب جن جي ساڻن ٻين سڀني اولاد کان حضرت صاحب جن
سان وڌيڪ محبت هئي - سي سرهند شريف کان روانا ٿي
آگري آيا - حضرت مخدوم صاحب عليه الرحمت جن به وقت جا
تمام وڏا عالم علم ظاهري ۽ باطني جا هوا. سندن آمد جو ٻڌي
هڪ شخص سندن خدمت ۾ آيو - ۽ عرض ڪيائين ته اوهان جو
هت اچڻ ڪهڙي بنا تي آهي - مخدوم صاحب جن جواب ڏنو ته
خاص محبت ۽ ملاقات پنهنجي فرزند ارجمند شيخ احمد سلمه ربه لاءِ
آيو آهيان جو هن ڪجهه ڪن سببن ڪري مون وٽ اچڻ نه ٿيو
تنهن ڪري آءٌ وٽس آيو آهيان - ان بعد حضرت مجدد صاحب جن
پنهنجي والد صاحب عليه الرحمة سان گڏجي پنهنجي وطن سرهند
شريف ۾ آيا ۽ پنهنجي والد صاحب کان طريقه قادريه ۽ چشتيه ۾
سلوڪ حاصل ڪرڻ ۾ مشغول ٿيا. ٿوري عرصي ۾ پوريءَ

طرح کسب ڪمال طريقت جو حاصل ڪيائون ۽ وڏي درجي ڪمال
کي پهتا. جنهنجو ذکر حضرت صاحبن رسالہ مبدءِ معاد ۾
مکتوبن ۾ لکيو آهي ته کين والد صاحب کان حاصل ٿيو.
پهريئن فقرهٔ رسالہ مبدءُ ومعاد ۾ لکيو اٿن ته هن درويش
کي تحفہ نسبت فرديت جو پنهنجي حضرت والد صاحب عليہ الرحمة
کان حاصل ٿيو. ۽ سنڌن والد صاحب کي سنڌن مرشدن کان.
ٻئي هنڌ لکيو اٿن ته هن درويش کي عبادت نفليہ پنهنجي
والد صاحب جي صحبت ۾ حاصل ٿي آهي. ان کان پوءِ جذبہ
حضرت صاحبن طريقہ نقشبنديہ ۾ حضرت بزرگ صاحب قدس سره
يعني حضرت شاه باقي بالله صاحب رضي الله تعالى عنه جن کان
فائض ٿي آيا. ته هن هڪ ڏينهن پنهنجي مخلصن سان مراقب
ويٺا هوا ته حضرت شاه سکندر جو پوٽو حضرت شاه ڪمال رحمت
الله عليہ جو آيو. جو سنڌن والد شريف جو طريقہ قادريہ ۾
مرشد هو. ۽ خرقہ (جبو شريف) شريف حضرت شاه ڪمال

رضي الله تعالیٰ عنه جن جو حضرت مخدوم صاحب رحمت الله عليه جن
جي ڪلهن مبارڪن تي پهرايا هئن. حضرت صاحب جن مراقبي ڪان
اکيون کولي ڏٺو ته شاه سڪندر، اهو خرقه شريف سندن ڪلهن
مبارڪن تي رکيو آهي. پاڻ تواضع ساڻ اٿي حضرت شاه
سڪندر ساڻ مليا. حضرت شاه سڪندر فرمايو ته حضرت
شاه ڪمال صاحب جن مون کي خواب ۾ حڪم فرمايو ته هي منهنجو
خرقه شريف حضرت مخدوم صاحب جن کي پهچاءِ. مگر منهنجي
دل نه ٿي گهري ته هي مبارڪ خرقه ڪنهن ٻئي کي ڏيان. مگر
بار بار حضرت شاه ڪمال صاحب جن جي تاڪيد جي ڪري خرقه
پهچاءِ. لاچار خرقه شريف آڻي اوهان جن جي ڪلهن مبارڪن
تي وڌم. حضرت جن اهو خرقه شريف زيب تن فرمائي،
حرم سرائي ۾ تشريف فرما ٿيا. ڪجهه وقت بعد جڏهن ٻاهر آيا
ته ڪن پنهنجي رازدارن سان خبر ڪئي ته خرقه شريف
جي ڏيکڻ بعد عجيب ڪيفيت ظاهر ٿي. حضرت جناب

غوث الثقلين سيد عبد القادر جيلاني رضي الله تعاليٰ عنه
پنهنجن سورهن خليفن سميت جنهن ۾ حضرت شاه ڪمال صاحب
جن به هوا حاضر ٿيا. منهنجي دل حضرت غوث الثقلين رضي الله
تعاليٰ عنه جن پنهنجي تصرف ۾ آڻي غيبي اسرارن سان
سون کي مالامال فرمايو. آءٌ منزل بمنزل اسرار طريقه قادريه ۾
انوار اسرار الاهيه ۾ غرق ٿيس. ڪجهه وقت اهڙي درياءَ
جي موج ۾ هوس ته اوچتو دل ۾ خيال آيم ته مان ته حضرات
نقشبنديه رضوان الله تعاليٰ عليهم جو نوازيل آهيان. ته
معرّد يعني حضرت خواجه عبد الخالق غجدواني ۽ حضرت
خواجه باقي بالله رضي الله تعاليٰ عنهما جن اچي حاضر ٿيا.
۽ منهنجي دل اچي پنهنجي تصرف ۾ ورتائون ۽ چيائون ته هي اسان
جي طريقت نقشبنديه جو مريد آهي. اوهان کي ڪو به واسطه
نه آهي. حضرات قادريه جن فرمايو ته ننڍپڻ ۾ اسان جو
حضرت صاحبن سان رابطه هو ۽ هن وقت به اسان جو

خرقه کين زيب تن آهي - انهيءَ وچ ۾ ارواح حضرات
چشتيه رضوان الله تعالى عليهم جن به اچي حاضر ٿيا -
۽ فرمايائون ته هي حضرت اسان جي خاندان چشتيه جو نوازيل
آهي - جيتوڻيڪ حضرات نقشبنديه غالب ٿيا ۽ پاڻ حضرت
مجدد صاحب قدس سره جن مريد چشتيءَ طريقي ۾ ڪندا
هوا - مگر زياده طريقه نقشبنديه ۾ - عجيب ۽ غريب اهو
قصو آهي ته هر هڪ صاحب طريقي جي دل لئي گهرندي ته اسان
جي طريقه ۾ رهن - مگر پاڻ هميشه حضرات نقشبنديه جي
طريقه عاليه نقشبنديه ۾ مستحڪم رهيا - هڪ ڏينهن
هڪ شخص اچي عرض ڪيو ته مون کي طريقه قادريه ۾ داخل
فرمايو - پاڻ ان کي طريقه قادريه ۾ تلقين فرمايائون ۽
ڪي ڏينهن انهيءَ کي واصل ڪرڻ لاءِ انهيءَ طريقه قادريه
۾ مشغول رهيا - جيڪي طالب طريقه نقشبنديه جا هوا ته
اسان ٻن ٽن ڏينهن کان پنهنجي شغل ۾ بندش (قبض)

ٿا ڏسون - حضرت صاحب جن مرڪي فرمايو ته اوهان جو قصور نه آهي

آءٌ اڄ ئي وقت ۾ طريقه قادريه ۾ الذڪر مشغول هوس - جڏهن

ويهي هن طريقه نقشبنديه لاءِ رجوع ڪندس ته اوهان کان به

نبرڪ (قبض) دور ٿي ويندي - هي قصه وچ ۾ لکيل آهي

هاڻي سندن طريقه نقشبنديه ۾ جو ذڪر شروع ڪجي ٿو -

"ذڪر حضرة مجدد الف ثاني رضي الله تعالى عنه جن

جي سلسله نقشبنديه ۾ داخل ٿيڻ جو ="

ڪين هميشه زيارت حرمين الشريفين جو انهن شوق دامن گير

رهندو هو. مگر سندن حضرت والد صاحب عليه الرحمت

جن جي وڏي عمر ۾ سندن خدمت ۾ ڪانه فيض

حاصل ڪرڻ سبب روانگي نه ٿي ٿي - تان جو سندن والد

صاحب قدس سره سنه ١٠٠٧هه ۾ انتقال فرمايو - ان بعد سال

سنه ١٠٠٨هه ۾ حرمين الشريفين جي زيارت لاءِ روانا ٿيا -

جڏهن دهلي پهتا ته مولانا حسن ڪشميري جو وقت جو

عالم فاني ۾ هو. حضرت صاحب مجددؒ صاحب رضي الله تعالى
عنه جن جو دوست هو. تنهن حضرت خواجه بزرگ يعني
حضرت شاه باقي بالله رضي الله تعالى عنه جن جي سائين
جنهن کي ته هي بزرگ حضرات نقشبنديه مان هت آيل
آهن - عزيز الوجود، صاحب حال ۽ قال جا آهن - اوهان
سندن خدمت ۾ وڃو اميد ته اوهان کي زياده فيض ۽ برکت
حاصل ٿيندي - جڏهن اها خبر پڙهيائون ۽ پاڻ هميشه
پنهنجي حضرت والد صاحب قدس سره جن کان به صفت ۽ ملاکاڻ
حضرات سلسلهء نقشبنديه جي ٻڌي هوائون - سو جنهن
ٻڌڻ شرط وڃي حضرت شاه باقي بالله صاحب رحمت الله
تعالى عليه جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. جناب حضرت
بزرگ صاحب جن تمام خوشنودي سان ٿي ملياءِ
سندن سفر بابت پڇيائون ته ڪهڙي اراده سان گهران
روانا ٿيا آهيو - حضرت مجدد صاحب قدس سره جن جو

جيڪو ارادو زيارت حرمين الشريفين جو هو سو عرض ڪيائون -
حضرت خواجه بزرگ صاحب عليه الرحمت جن ڪنڌهن ٻه ڪنهن کي
نه چوندا هيا ته اوهان طريقه ۾ داخل ٿيو ۽ اڪثر ماڻهن کي
عذر ڪندا هوا ته ٻيا ٻهڳڻان مشائخ آهن اُتي وڃو -
پوءِ جڏهن کو تمام زور دار عرض ڪندو هو ته ان کي اول
استخاره لاءِ چوندا هيا پوءِ ڪين طريقه عاليه ۾ داخل ڪندا هوا
مگر هت قدرتاً قصه ئي ٻيو هو - جو حضرت جن کي ذهني باطني
علم جي فراست سان معلوم ڪيائون ته هاڻي هي اهو مبارڪ
شخص آهي جو مون خواب ۾ ڏٺو آهي ۽ پوءِ جناب حضرت
مجدد صاحب عليه الرحمت جن کي عرض ڪيائون ته توهان جو ارادو
تمام مبارڪ آهي - مگر جيڪڏهن هڪ هفته يا هڪ مهينه
منهنجي صحبت ۾ رهو ته بهتر - حضرت صاحب قدس سره
جن قبول ڪيو ۽ ان کان پوءِ اول هفته ۾ روزانه
صبح شام سندن خدمت شريف ۾ ويندا هيا - پر

ڏينهن اندر آثار عشق تصرف حضرت خواجه صاحب جو تن
غالب آيو - ۽ سندن خدمت ۾ عرض ڪيائون ته مون کي طريقه نقشبنديه
۾ داخل فرمايو - حضرت خواجه بزرگ صاحب جن بجاءِ جلد حضرت
جن کي پنهنجي خاص خلوت خانه ۾ وٺي وڃي طريقه نقشبنديه
۾ داخل فرمايائون - بغير استخاري - استخارو جو پلا عقد و
ضرور هو جو ته ڪين آڳ کي معلوم ٿيل هو - ان ڪان بعد
هفته اندر يومًا فيومًا ۽ آنًا فآنًا حضرت جن کي ترقيات
باطني حاصل ٿينديون رهيون، جيڪي ترقيات ٻين کي سالن ۾
حاصل ٿينديون سي رب تعاليٰ جل شانه ڪين پنهنجي فضل ۽ ڪرم
سان حضرت خواجه صاحب عليه الرحمت جن جي خدمت ۾
ڏينهن ۾ حاصل ٿي ويا. ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ
مَنْ يَّشَآءُ ۚ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ۝ جنهن
عروج ڪين ڏينهن ۾ حاصل سو ڪنهن شخص کي حاصل ٿيندو،
پاڻ حضرت جن شوق طواف ڪعبه شريف جي ارادي سان

گهران سفر تي نڪتا ته رات تي لئي وچي صاحب ڪعبه شريف
سان قائم ٿيا. سبحان الله تعالى - جن کي رب تعالى
جلشانه گهري ٿو ته وچ ۾ هڪ وسيلي سان وڃي مقصود
کي پهچن ٿا - حضرت خواجه صاحب جن ڪين خلوت ۾ ورتي
جيڪو سندن دلي راز هو سو بيان فرمايائون ته جڏهن مونکي
حضرت خواجه امڪنگي قدس سره (جو حضرت خواجه بزرگ صاحب
جن جو مرشد هو) فرمايو ته تون هندستان وڃ ۽ اتي وڃي
طريقه عاليه نقشبنديه جو ارشاد ڪر ۽ - مون تواضع سان عرض
ڪيو ته مان انهي معنى جو لائق نه آهيان - سندن مرشد
استخاره لاءِ امر فرمايو - مون سندن حڪم سبب استخاره
ڪيئي - مون کي ڏسڻ ۾ آيو ته هڪ سبز طوطو هڪ سبز
وڻ جي ٽاري تي ويٺل آهي - دل ۾ خيال آيو ته جيڪڏهن
اهو طوطو منهنجي هٿ تي اچي ويهي ته لهو ۽ مان اهو سفر
هندستان جو ڪندس. انهي خيال اچڻ سان اهو طوطو

اُڏامي لهي اچي منهنجي هٿ تي ويٺو ۽ مون منهنجي وات جو
لعاب (يعني پاڻي) مبارڪ طوطي جي منقار (يعني چهنب)
۾ ڏنو ۽ طوطي منهنجي وات ۾ ميناج جو پاڻي ڏنو —
صبح جو اهو خواب حضرت خواجه امڪنگي صاحب رحمت الله تعاليٰ عليه
جي خدمت ۾ عرض ڪيم حضرت خواجه صاحب فرمايو ته طوطو هندستان
جو پکي آهي. تون جلد هندستان روانو ٿي جو اتي جو صاحب
تنهنجي انتظار ۾ آهي. ۽ توکي پڻ انهيءَ صاحب ڪمال مان مزيد بهرو
ملندو. لاچار مرشد جي حڪم موجب هندستان روانو ٿيس.
هندستان پهچڻ کان پوءِ هر منزل تي انهيءَ طوطي جي جستجو ۾ هوس
جڏهن سرهند جي ويجهو پهتس ته رب تعاليٰ طرفان الهام
ٿيو ته تون هڪ قطب رباني جي حد ۾ آهين. ۽ انهيءَ قطب
جو حُليه (يعني شڪل شباهت) مون کي رب تعاليٰ جل شانهٗ
طرفان ڏيکاريو ويو. صبح جو شهر سرهند ۾ ويس مگر
عشق کي بر انهيءَ صورت ۽ صفت جو مالڪ نه ڏٺم جيئن ته

شايد هن شعر کان ڪو اهڙو شخص مُراد اسٿون آهي،

جڏهن اوهان ڀيرئين ملاقات لاءِ آيا ته اوهان کي اُنهيءَ

حليه جو بالڪل برابر مالڪ ڏٺم ۽ قطبيت جو نشان اوهان ۾

ظاهر ڏٺم - ۽ وڌيڪ فرمايائون ته سرهند شريف جي بيگر دائي

جي صحرا مشغلِ نور سان پرنور آهي - اهو نورانيت جو نشان

به اوهان ۾ آهي - مطلب ته رب تعالىٰ جلشانه جي فضل ۽

ڪرم سان جيڪو فيض ٻن ٽن مهنن جي اندر حضرت خواجه

باقي بالله رضي الله تعالىٰ عنه جن جي هٿان حضرت مجدد صاحب

رضي الله تعالىٰ عنه جن کي حاصل ٿيو ان جو بيان قلم جي

زباني سان لکڻ ۽ تقرير کان قاصر ۽ عاجز آهي. ڪجهه مختصر

بيان خود حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه

جن لکي فرمايو آهي - اهو تبرڪاً هت لکجي ٿو ته پڙهندڙ اغان

معلوم ڪن ته ٻن ٽن مهنن ۾ حضرت صاحب رحمة الله عليه

جن من عند الله تعالىٰ قرب حاصل ڪيو ——

حضرت مجدّد صاحب رضي الله تعالیٰ عنه جن لکن ٿا تہ۔

جڏهن هن درويش کي شوق راهه ربّانيءَ جو ٿيو تہ ربّ تعالیٰ

جلّشانهٗ هن درويش کي هڪ بزرگ ولايت پناهه حقيقت

آگاهه هادي طريقِ اِندراجِ النّهايةِ فِي البدايةِ وَ الیٰ

السّبيلِ المُوصلِ اِلیٰ درجاتِ الولايتِ مؤيّدُ الدّين

الرّضيُّ شيخنا وَ اِمامنا محمّدِ بنِ الباقي قدس سرهٗ (جي

القلب بربي ۾ پنهنجي مرشد جي صفت ۾ فرمايا اٿن)

هڪ بزرگ خانزاده خلفاءِ حضرات نقشبنديه قدس الله تعالیٰ

اسرارهم جي خدمت ۾ پهچايو۔ خواجه صاحب عليه الرحمت جن

هن درويش کي "اسمِ ذات "الله" جل سلطانهٗ" جي تعليم ڏني ۽

منهنجي دل ذاتِ حق ڏانهن متوجّه ٿيا۔ سندن توجّه سان مون کي

انتها زياده قلبي لذت حاصل ٿي، ۽ ڪمال شوق سان مون

تي گريه (يعني روئڻ) جي حالت پيدا ٿي۔ هڪ ڏينهن کان پوءِ

بيخودي (يعني بيهوشي) جي حالت ۾ هڪ عظيم ملڪ ڏٺم۔

الهيءَ درياءَ ۾ عالم جون صورتون ۽ اشڪال ڇانوَ مثال ڏسڻ ۾ آيا. اُها بيخودي رفته رفته ڪڏهن هڪ پهر ڪڏهن ٻه پهر بعضي ته رات تائين هلندي رهي. جڏهن اهو ماجرا حضرت مرشد صاحب جن جي خدمت ۾ عرض ڪيم فرمايائون ته ڪجهه حصه فنا جو حاصل ٿيو آهي. ۽ ذڪر کان منع فرمايائون ۽ الهيءَ بيخوديءَ جي ڪيفيت ٻڌايائون. ٻن ڏينهن کان پوءِ مون کي "فناءِ مصطلح" (فنا جو ٻيو درجو) حاصل ٿيو. اها حالت حضرت جن جي خدمت ۾ عرض ڪيم. فرمايائون ته الهيءَ ۾ مشغول رهو. ان کان پوءِ "فناءِ فنا" (فنا جي فنا) حاصل ٿي. جنهن انلاءِ خدمت ۾ عرض ڪيم. فرمايائون ته ساري عالم کي هڪ ٿو ڏسين ۽ متصل (واحد) ٿو ڏسين عرض ڪيم ته ها. فرمايائون ته معتبر فناءِ فنا ۾ هي آهي ته باوجود ڏسڻ ان جي اتصال شعور جو حاصل ٿئي اهي رات "فناءِ فنا" اهڙي صفت سان حاصل ٿي —